پارن لاء بائبل
تحفو

# انسان جي اداسي جو آغاز



لکيل پاران: Edward Hughes
اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson
طرفان قبول ڪيو ويو: M. Maillot; Tammy S.
ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan
ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

BFC
PO Box 3
Winnipeg, MB R3C 2G1
Canada

©2020 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.


خدا هر شيءِکي پيدا ڪيو! جڏهن خدا
پهريون انسان آدم کي پيدا ڪيو، ته هو
پنهنجي زال حواء سان گڏ, باغ عدن ۾ رهيو.
اوهي مڪمل طور تي خوش هئا. ۽ خدا جي
تابعداري ۽ هن جي
موجودگي جو مزو وٺي
رهئا هوا. پر هڪ
ڏينهن ڇاء ٿيو؟



"چا خُدا واقعي
چيوآهي ته باغ جي
ڪنهن هڪ وڻ جو ميوو
نه کائيجو؟" شيطان (نانگ) حواء کان پڇيو.
"اسين هر وڻ جو ميوو کائي سگهون ٿا، پر
هڪڙي جونه، ۽ جيڪڏهن هن ميوي
کي کاڌو، يا هٿ لاٿو، ته اسان
مري وينداسون" حواء جواب
ڏنو. توهان ڪڏهن به نه مرندا.



توهان خدا وانگر
بڻجي ويندا "شيطان
(نانگ) مرڪيندي چيو:
حواء هن وڻ جو ميوو
حاصل ڪرڻ چاهيو،
هن شيطان (نانگ) جي
ڳاليھن کي ٻڌيو ۽ هو
ميوءکاڌو.

خدا جي نافرماني ڪرڻ کان پوء،
حواءاهو ميوو آدم کي کائڻ لاء ڏنو.
آدم کي اتي چئوڻ گهرجي ها، ته نه،
مان خُداجي حڪم جي
نافرماني ڪونه
ڪندس.





جڏهن
آدم ۽
حواءِ گناه
ڪيو. انهن
ٻڻن کي خبرپئي ته اُهي اُگاڙا آهن،انهن انجير جي پنن سان،
لنگوٺيون ٺاهيون. ۽ پنهنجو پاڻ کي ڍڪيو ۽ خدا جي حضوري
کان بچڻ لاء. پنهنجو پاڻ کي وڻن ۾ لڪايو.

شام جي ٿڌي وقت خُدا باغ ۾ آيو. آدم ۽ حواءِ جيڪا ڪجھ
ڪيو، هن کي خبر هئُي. آدم حواکي ڏوهاري چيو. حواء
نانگ کي ڏوهاري چيو. خُدا نانگ کي لعنتي چيو ۽
عورت سورن سان ٻار ڄڻدي. "آدم، چالاء جو
اوهان گناهه ڪيو آهي، زمين اوهان جي سبب
لعنتي ٿي، اهو اوهان لاء ڪنڊيون ۽ ڪانڊيرا
اپاريندي، اوهين سخت محنت ڪندؤ ۽
پنهنجي بت جي پگھر
جي ماني ڪايندو."





خُداوند خُدا آدم ۽ حواءِ کي
شاندر
باغ منجهان
ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته انهن گناهه
ڪيو، اُهي زندگي بخش خُدا کان محروم
ٿي ويا. خُداهنن کي باغ مان ٻاهر رکڻ
لاء هڪ ٻرندڙ تلوار ٺاهيو. خدا آدم
۽ حواءِ لاء چمڙو
ڪٿان ورتو؟

وقت تي آدم ۽ حواءِ کي هڪ چوڪرو ڄائو هو. سندن پهريون پٽ قائن جيڪا هاري هو، هن جو ٻيو پٽ، هابل هڪ ريڍار هو. هڪڙي ڏينهن قائن پنهنجي ٻني جي پيدوار مان خداوند جي لاء نذرانو آندو. ۽ هابل به پنهنجين رڍن ٻڪرين ۽ چوپائين مان سڀ کان سٺو ڦر خداوند جي حضورنذراني طورڪٽي آيو. خُداوند هابل ۽ سندس نذراني کي قبول ڪيو.



خدا قائن جي نذراني کان راضي نه هو. هن ڪري قائن ڏاڍو ناراض ٿيو. پر خُدا چيو، "جيڪڏهن تون نيڪي ڪرين، ڇا اهو مقبول نه ٿيندو؟"



ٿورن ڏينهن کان پوء، جڏهن هوو
ٻني ۾ هئا، قائن پنهنجي ڀاء هابل
تي حملو ڪيو ۽ کيس ماري ڇڏيو.



خُدا قائن کي چيو ته "تونهنجو ڀاء هابل ڪٿي آهي؟" هن چيو، "مون کي خبر ناهي. قائن ڪوڙ ڪري رهيوهو. آئون پنهنجي ڀاء جونگهبان آهيان ڇا؟" تنهن تي خُداوند قائن کي سزا ڏني ۽ کيس چئيس ته جڏهن تون زمين تي پوک ڪندين تڏهن انهي مان توکي پيداور ڪانه ملندي ۽ تون زمين تي رولندين ڏڪا کائندين.



ڪائن خُدا جي حضور کان ٻاهر ڪڍيو ويو. هن جي آدم ۽ حواءِ جي ڏيء سان پرڻو ٿيو ۽هن کان هڪ گهراڻو وڌيو. جلد ئي شهر جيڪا قائن آبادڪيو هو هن جي ٻارن ۽ اُن جي اولاد پرڇڙيو.



انهي وچ آدم ۽ حواءِ جو خاندان تيزيء سان وڌيو. انهن ڏينهن ۾ اڄ جي نسبت ماڻهون جي ڇمار وڏي هوندي هوئي.



جڏهن حواءِ جو پٽ سيت پيدا ٿيو ته هن چيو ته "خدا مون کي هابل جي بدران سيت عطا ڪيو آهي." سيت خدا جو خوف رکندڙ انسان هو ۽ هن جي عمر 912 سال ٿي ۽هن کان ڪيترائي پٽ ۽ ڌيئر ڄائياء هئا.





جيئن جيئن هڪ نسل کان ٻي نسل وڌن لڳي تنيئن
ماڻهو دنيا ۾ وڌيڪ ظالم ٿيڻ شروع ٿيا.
آخرڪار خدا فيصلو ڪيوته سڄيء بشرء
جو خاتمو ڪري ڇڏي. سڀ جاندار ۽
پکي. ۽ انسان جي خلق
تي خدا غمگين
ٿيو. پر هو هڪ
شخص سان خوش
۽ راضي هو.

هي شخص نوحَ هو. هو سيت جي نسل
مان هڪ نيڪ ماڻهو هو ۽ پنهنجي زماني
جي ماڻهن ۾ بي عيب انسان هو.



هن پنهنجي ٽن پٽن کي، به سيکاريائين ته،هو خدا جي
تابعيداري ڪرڻ. هاڻي خُدا نوحؔ کي ڪنهن
وڏي عجيب ۽ خاص طريقي سان استعمال
ڪرڻ جو منصوبوٺايو.



انسان جي اداسي جو آغاز

خدا کان هڪ ڪهاڻ ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

پيدائش 3-6

"توهانجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

# آخر

2

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ )يسوع مسيح (کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ )عيسي( يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽
آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان )عيسى (يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان
پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو .ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٹ
ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين .منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان .آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خدا ساڻ ڳالهايو.